SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريه 2011
# SINDH ACT NO.XXIV OF 2011
# سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي بحالي) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH (REPEAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 2001 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ACT, 2011

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي بحالي
Revival of Sindh Ordinance No.XII of 1979

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

4. محفوظ ڪرڻ
Saving

5. رنڊڪ هٽائڻ
Removal of difficulty

6. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIV مجريه 2011
# SINDH ACT NO.XXIV OF 2011
# سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي بحالي) ايڪٽ، 2011
# THE SINDH(REPEAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 2001 AND REVIVAL OF THE SINDH LOCAL GOVERNMENT ORDINANCE, 1979) ACT, 2011

[15 جولاءِ 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي منسوخ ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي بحال ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي منسوخ ڪرڻ ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي بحال ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| 1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 کي بحال ڪرڻ) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.<br>(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 (1979 جي آرڊيننس نمبر XII) کي ان جي اصلوڪي حالت جيئن اهو 05.08.2001 تي هيو، ان حالت ۾ فوري طور بحال ڪيو ويو آهي، جيئن اهو منسوخ ڪيو ئي نہ ويو هيو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي بحالي<br>Revival of Sindh Ordinance No.XII of 1979 |
| 3.سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي آرڊيننس نمبر XXVII) کي فوري طور منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001 |
| 4.سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 (2001 جي | محفوظ ڪرڻ |

**Saving**

آرڊيننس نمبر XXVII) جي منسوخي تائين ڪيل سمورا حڪم (بشمول قاعدن، باءِ لاز، ضابطن ۽ نوٽيفڪيشنز جي ۽ ٻين قانوني دستاويزن جي)، ڪيل ڪارروائين، ڪيل مقررين، ڪنهن اٿارٽي يا ڪنهن شخص طرفان ڪنيل قدمن، جيڪي ڪيا ويا هيا، ڪنيل يا ڪيل، يا ڪرڻا هيا، يا ان سلسلي ۾ ڪڻڻا يا ڪرڻا هيا، آگسٽ، 2001 جي ڇهين ڏينهن تائين ۽ تاريخ تائين جنهن ڏينهن هي ايڪٽ لاڳو ٿيو (ٻنهي ڏينهن سميت)، لاڳو رهندا، جيستائين وڏي وزير يا سندس طرفان بااختيار بڻايل اٿارٽي يا عملدار طرفان تبديل، منسوخ يا ترميم ڪيا وڃن.

**رنڊڪ هٽائڻ**
**Removal of difficulty**

5. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي ته وڏو وزير سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿو جيڪي رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ لازمي يا ضروري هجن.

**منسوخي**
**Repeal**

6. سنڌ (سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي منسوخي ۽ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 جي بحالي) آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**